NO. SELD/CA/CW/18 /2018.
GOVERNMENT OF SINDH
SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT
Karachi, dated the 17th, February, 2026.

**To,**

**The Director,**
Directorate of Curriculum, Assessment & Research (DCAR), Jamshoro.

**SUBJECT:** **SUBMISSION OF STANDARDIZED MODEL TEST PAPERS FOR GRADE-IV TO GRADE-VIII FOR THE ACADEMIC YEAR 2025-2026. (REQUEST FOR APPROVAL & DISSEMINITION).**

This letter is with reference to your letter No. DCAR/DIR/52/-2026, dated; 04th of February 2026 on the subject cited above.

Reference to the content of the letter as stated that the Directorate of Curriculum, Assessment & Research (DCAR), has developed the Standardized Model Test Papers for Grade IV to Grade-VIII, for the Academic Session 2025-2026 and for Local Annual Examinations 2026.

This is to inform that the competent authority has approved the request and permission is granted for dissemination of the developed Standardized Model Test Papers for Grade IV to Grade-VIII, to all Directorates of School Education of all regions of Sindh, for guidance and preparation of Standard Test Papers.

Your assistance with this matter is highly valued.

**Dr. Fouzia Khan**
**Chief Executive Advisor (Curriculum Wing)**
**School Education and Literacy Department**
**Government of Sindh.**

A copy is forwarded for information to: -

1. The P.S to Minister for Education, Govt. of Sindh.
2. The P.S to Secretary, School Education & Literacy Department, Govt. of Sindh.
3. The Office File.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2025-2026**

**Time: ......... Minutes** **Grade: IV** **Subject: Islamiat** **Total Marks (100)**

Name of Student: ______________________ S/D/O: ______________________ Gender (Boy/Girl):_____

Medium: ______________ School Name: ________________________________________

Taluka: ______________ City/ Village ______________ Signature of Invigilator: ______________

| 20 مارڪون | معروضي سوال (MCQs) | حصو (الف) |
|---|---|---|

صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i). سجدي جي تسبيح آهي:

(الف) سُبحَانَ رَبِيِ العَظِيم **(ب) سُبحَانَ رَبِيَ الأعلیٰ**

(ج) سَمِعَ اللہ لِمن حَمِدہ (د) رَبنَا لَکَ الحَمدُ

(ii). مشهور آسماني ڪتاب آهن:

**(الف) چار** (ب) پنج (ج) ڇهه (د) ست

(iii). زڪواة جي لغظي معنیٰ آهي:

**(الف) پاڪ ٿيڻ** (ب) گهٽجڻ (ج) چڙهي ڏيڻ (د) ختم ٿيڻ

(iv). هوا ، باهه ، پاڻي ، روشني ۽ اناج وغيره الله تعالیٰ جي طرفان انسانن لاءِ آهن:

(الف) صفتون (ب) عبادتون **(ج) نعمتون** (د) ڪو به نه

(v). ”وَبِالوَالِدين اِحسانًا“ جي معنیٰ آهي:

(الف) معاف ڪريو (ب) سهڻو سلوڪ ڪريو

**(ج) ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪريو** (د) پاڙيسرين جو خيال رکو

(vi). غار حراء جو مڪي کان مفاصلو آهي:

(الف) هڪ ڪلوميٽر (ب) ٻه ڪلو ميٽر **(ج) چار ڪلو ميٽر** (د) اٺ ڪلوميٽر

(vii). ”وحي“ جي لفظي معنیٰ آهي:

(الف) مدد ڪرڻ **(ب) جلدي اشارو ڪرڻ** (ج) محبت ڪرڻ (د) عبادت ڪرڻ

(viii). ٻارن مان سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪيو:

**(الف) حضرت علي ﷜** (ب) حضرت ابوبڪر صديق ﷜

(ج) حضرت زيد بن حارث ﷜ (د) حضرت بلال ﷜

(ix). حبش جو ٻيو نالو آهي:

**(الف) ايٿوپيا** (ب) ايران (ج) مصر (د) چين

(x). هجرت جي لفظي معنیٰ آهي:

(الف) ملڻ **(ب) وطن ڇڏڻ** (ج) گُهمڻ (د) اچڻ

(xi). معراج جي موقعي تي فرض ٿي:

(الف) حج (ب) زڪوات (ج) روزو **(د) نماز**

(xii). مسجد اقصیٰ آهي:

**(الف) فلسطين ۾** (ب) ايران ۾ (ج) عراق ۾ (د) افغانستان ۾

(xiii). مديني جو پراڻو نالو هو:

(الف) مڪو (ب) بَڪه **(ج) يثرب** (د) فارس

(xiv). هجرت کانپوءِ اسلام جي پهرين مسجد، جنهن جو بنياد رکيو ويو:

(الف) مسجد حرام (ب) مسجد اقصیٰ

**(ج) مسجد قُباء** (د) مسجد مدينہ

(xv). اخلاق خُلق جو جمع آهي، جنهن جي معنىٰ آهي:

(الف) نصيحت (ب) عبادت **(ج) عادت** (د) ڪو بہ نہ

(xvi). ”سادگي“ حصو آهي:

(الف) آخرت جو **(ب) ايمان جو** (ج) عبادت جو (د) شهرت جو

(xvii). ”بني اسرائيل“ جو مطلب آهي:

(الف) حضرت يوسف عليہ السلام جو اولاد **(ب) حضرت موسىٰ عليہ السلام جو اولاد**

(ج) حضرت عيسىٰ عليہ السلام جو اولاد (د) حضرت يعقوب عليہ السلام جو اولاد

(xviii). حضرت موسىٰ عليہ السلام کي الله تعالىٰ جنهن جبل وٽ نبوت عنايت ڪئي اهو هئو؟

**(الف) جبل طُور** (ب) جبل صفا (ج) جبل مروا (د) جبل عرفات

(xix). حضرت عمر فاروق ﷺ جي حڪومت جو دؤر آهي:

(الف) ٽي سال ۽ ڪجھ مهينا (ب) پنج سال ۽ ڪجھ مهينا

(ج) نو سال ۽ ڪجھ مهينا **(د) ڏھ سال ۽ ڪجھ مهينا**

(xx). ”طَيبه“ جي معنىٰ آهي:

(الف) روشني **(ب) پاڪ** (ج) هدايت (د) رات

| حصو (ب) | مختصر سوال (CRQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هينين مان ڪن بہ اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ جواب تي پنج مارڪون رکيل آهن:

.1 عقيدي جي معنىٰ ڇا آهي؟

.2 چئن آسماني ڪتابن ۽ سندن رسولن جا نالا لکو-

.3 ”عام الحزن“ جي معنىٰ ڇا آهي ۽ ان کي ان نالي سان ڇو ٿو سڏيو وڃي؟

.4 اسلام جا پنج بنيادي رُڪن ڪهڙا آهن؟

.5 الله تعالىٰ جا اسان جي مٿان ڪهڙا حق آهن؟

.6 زڪواة جا ڪي بہ ٽي فائدا لکو-

.7 ٻانهن جي حقن ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم حق ڪنهن جو آهي؟

.8 پهرين وحيءَ جو ترجمو ٻڌايو-

.9 سڀ کان پهرين ڪهڙن ماڻهن اسلام قبول ڪيو؟

.10 هجرت جي معنىٰ ۽ مفهوم لکو-

.11 وقت جي اهميت بيان ڪريو-

| حصو (ج) | تفصيلي سوال (ERQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هينين مان ڪن بہ چئن سوالن جا جواب ڏيو هر هڪ جواب تي ڏھ مارڪون رکيل آهن:

.12 اسلام جي تبليغ جي سلسلي ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلِہ وسلم جي ثابت قدميءَ جو ڪو بہ واقعو لکو-

.13 اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ مجلس جا آداب بيان ڪريو-

.14 بني اسرائيلن کي فرعون جي ظلم کان ڪهڙي طرح ڇوٽڪارو مليو؟

.15 معراج جي واقعي جا بہ حصا آهن، انهن مان هر هڪ حصي جو نالو ۽ تفصيل ٻڌايو-

.16 حضور صلي الله عليہ والِہ وسلّم جن مديني پهچي، ٽي وڏا ڪم ڪهڙا ڪيا؟

.17 اسلام جا بنيادي عقيدا ڪهڙا آهن؟ تفصيل سان بيان ڪريو-

Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro

Model Paper 2025-2026

Time: ......... Minutes Grade: V Subject: Islamiat Total Marks (100)

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student: ____________ | S/D/O: ____________ | Gender (Boy/Girl):_____ |
| Medium: ____________ | School Name: ____________ | |
| Taluka: ____________ | City/ Village ____________ | Signature of Invigilator: ____________ |

| حصو (الف) | معروضي سوال (MCQs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i). دنيا جو مثال ڏنو ويو آهي:
(الف) ڪارخاني سان (ب) پوک سان (ج) بازارسان (د) مجلس سان

(ii). انسان جي عملن لاءِ الله تعالىٰ ملائڪ مقرر ڪيا آهن:
(الف) ٻه (ب) ٽي (ج) چار (د) پنج

(iii). دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي لاءِ اطاعت ضروري آهي:
(الف) ملائڪن جي (ب) جنن جي (ج) رسول الله ﷺ جي (د) ڪو به نه

(iv). روزا فرض آهن:
(الف) شعبان جا (ب) رمضان جا (ج) شوال جا (د) ذوالحج جا

(v). جمعي جي نماز ادا ڪئي وڃي ٿي:
(الف) فجر جي وقت (ب) ٻيپهريءَ جي وقت
(ج) ٽيپهريءَ جي وقت (د) سومهڻيءَ جي وقت

(vi). عيدالفطر ملهائي ويندي آهي:
(الف) پهرين شعبان تي (ب) پهرين رمضان تي
(ج) پهرين شوال تي (د) ڏهين ذوالحج تي

(vii). ”صوم“ جي لفظي معنىٰ آهي:
(الف) صبر ڪرڻ (ب) رُڪجي وڃڻ (ج) انتظار ڪرڻ (د) خيرات ڪرڻ

(viii). ”مهاجر“ جو مطلب آهي:
(الف) مدد ڪندڙ (ب) هجرت ڪندڙ
(ج) عبادت ڪندڙ (د) پائيچارو ڪندڙ

(ix). مسجد نبوي لاءِ جيڪا جڳهه چوندي وئي، اها ملڪيت هئي:
(الف) حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه جي (ب) حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه جي
(ج) حضرت سمل رضي الله عنه ۽ حضرت سُهيل رضي الله عنه جي (د) حضرت زيد بن ثابت انصَاري رضي الله عنه جي

(x). ”ميثاق“ جي لفظي معنىٰ آهي:
(الف) سچائي (ب) معاهدو (ج) وفاداري (د) غداري

(xi). غزوه بدر ۾ مشرڪن جو سردار هو:
(الف) ابو جهل (ب) شيبه (ج) عُتبه (د) اُميه بن خلق

(xii). غزوه اُحد ۾ مسلمان شهيد ٿيا:
(الف) 14 (ب) 40 (ج) 50 (د) 70

(xiii). غزوه خندق لڙيو ويو:
(الف) پنج هجري ۾ (ب) ڇهه هجري ۾ (ج) سَتَ هجري ۾ (د) اٺ هجري ۾

(xiv). عفو ۽ درگزر جي لفظي معنىٰ آهي:
(الف) انتقام وٺڻ (ب) برداشت ڪرڻ (ج) معاف ڪرڻ (د) رحم ڪرڻ

(xv). رواداري جي لفظي معنىٰ آهي:

(الف) **برداشت ڪرڻ** (ب) ڪاوڙ ڪرڻ (ج) چيو مڃڻ (د) خدمت ڪرڻ

(xvi). رحمدلي ڪري انسان کي سماج ۾ ملي ٿي:

(الف) **عزت** (ب) دولت (ج) حڪومت (د) شهرت

(xvii). ڪفايت شعاريءَ جو مطلب آهي:

(الف) فضول خرچ ڪرڻ (ب) بخل ڪرڻ

(ج) **ضرورت مطابق پنهنجو مال خرچ ڪرڻ** (د) نمائش ڪرڻ

(xviii). اُخوت جي لفظي معنىٰ آهي:

(الف) دوستي (ب) همدردي (ج) **پائيچارو** (د) محبت

(xix). جنهن ملائڪ جي ذريعي قرآن مجيد نازل ڪيو ويو:

(الف) **حضرت جبرائيل عليه السلام** (ب) حضرت ميڪائيل عليه السلام

(ج) حضرت اسرافيل عليه السلام (د) حضرت عزرائيل عليه السلام

(xx). حضرت عيسىٰ عليه السلام تي الله تعالىٰ جيڪو ڪتاب نازل فرمايو، اهو هو:

(الف) توراة (ب) **انجيل** (ج) زبور (د) قرآن مجيد

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ب) | مختصر سوال (CRQs) | مارڪون 40 |

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن به اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ جواب تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. دنياوي زندگي اسان کي ڇا لاءِ عطا ڪئي وئي آهي؟
2. سُنت نبوي جو مطلب ڇا آهي؟
3. جمعي جي نماز جا آداب بيان ڪريو-
4. روزي جا ڪي به ٻه فائدا لکو-
5. مسلمانن جو حضرت عيسىٰ بابت ڪهڙو عقيدو آهي؟
6. مسجد نبويءَ جي فضيلت بابت حضور اڪرم ﷺ ڇا فرمايو؟
7. غزوه بدر ۾ مسلمانن ۽ ڪافرن جو تعداد ڪيترو هو؟
8. غزوه اُحد مان مسلمانن کي ڪهڙو سبق مليو؟
9. خندق ۽ احزاب جي معنىٰ ٻُڌايو-
10. عفو ۽ درگزر جو مفهوم بيان ڪريو-
11. رواداريءَ جو مطلب لکو-

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ج) | تفصيلي سوال (ERQs) | مارڪون 40 |

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن به ٻن سوالن جا جواب ڏيو هر هڪ جواب تي ڏهه مارڪون رکيل آهن:

12. قيامت جي ڏينهن اعمال نامن سان ڇا ڪيو ويندو؟
13. رسول الله ﷺ جن جي اطاعت جي اهميت بيان ڪريو-
14. ميثاق مدينہ جا ڪي به پنج دفعات لکو-
15. ڪفايت شعاريءَ جا فائدا بيان ڪريو-
16. قرآن مجيد جي تلاوت جا آداب لکو-
17. حضرت عثمان رضي الله عنه اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت لاءِ جيڪي مالي قربانيون پيش ڪيون، بيان ڪريو-

Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro

Model Paper 2025-2026

Time: ......... Minutes    Grade: VI    Subject: Islamiat    Total Marks (100)

Name of Student: ____________ S/D/O: ____________ Gender (Boy/Girl):_____

Medium: ____________ School Name: ____________

Taluka: ____________ City/ Village ____________ Signature of Invigilator: ____________

| حصو (الف) | معروضي سوال (MCQs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i). توحيد جي لفظي معنىٰ آهي:
(الف) **الله تعالىٰ جي ذات تي ايمان آڻڻ** (ب) رسولن جي رسالت تي ايمان آڻڻ
(ج) قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ (د) خير ۽ شر جي تقدير ايمان آڻڻ

(ii). ”الصلواة خيرم مِن النوم“ جي معنىٰ آهي:
(الف) نماز آرام کان بهتر آهي (ب) **نماز ننڊ کان بهتر آهي**
(ج) نماز ورزش کان بهتر آهي (د) نماز کوڙ کان بهتر آهي

(iii). اسلام جو سڀ کان پهريون مؤذن هئو:
(الف) حضرت زيد بن حارث رضي الله عنه (ب) حضرت انس رضي الله عنه
(ج) زيد بن ثابت رضي الله عنه (د) **حضرت بلال رضي الله عنه**

(iv). توحيد جي لفظي معنىٰ آهي:
(الف) شريڪ ڪرڻ (ب) **هڪ مڃڻ**
(ج) انڪار ڪرڻ (د) تصديق ڪرڻ

(v). نماز ۾ رڪوع جي حيثيت:
(الف) شرط آهي (ب) **فرض آهي**
(ج) واجب آهي (د) مستحب آهي

(vi). جنازي جي نماز مسلمانن لاءِ آهي:
(الف) فرض (ب) نفل (ج) **فرض ڪفايه** (د) سنت

(vii). حج فرض ٿيو:
(الف) سنه 2 هجري ۾ (ب) سنه 3 هجري ۾
(ج) سنه 5 هجري ۾ (د) **سنه 9 هجريءَ ۾**

(viii). صلح حديبه جا شرط بظاهر خلاف هئا:
(الف) قريش جي (ب) **مسلمانن جي**
(ج) يهود ۽ انصارىٰ جي (د) مشرڪن جي

(ix). خسرو پرويزکي قتل ڪيو:
(الف) سندس زال (ب) سندس وزير (ج) **سندس پٽ** (د) سندس ياءُ

(x). خيبر مديني جي ڏکڻ طرف آهي:
(الف) **200 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي** (ب) 300 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي
(ج) 400 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي (د) 500 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي

(xi). مسجد ۾ وضو سان رهندڙ شخص لاءِ دعا ڪندا آهن:
(الف) انسان (ب) جن (ج) **ملائڪ** (د) جانور

(xii). سچ ڳالهائيندڙ کي چئبو آهي:
(الف) ڪاذب (ب) **صادق** (ج) امين (د) تاجر

(xiii). جنهن شخص ۾ امانت جي صفت موجود هجي ان کي چئبو آهي:
(الف) صديق (ب) شريف (ج) شفيق (د) **امين**

(xiv). احسان جو مطلب آهي:

(الف) پنهنجي ڳالھ جتائڻ (ب) ڀلائيءَ جي بدران برائي ڪرڻ

(ج) واجب حق کان وڌيڪ ادا ڪرڻ (د) مجبوريءَ جي حالت ۾ قرض ڏيڻ

(xv). ايثار جي لغوي معنىٰ آهي:

(الف) انصاف ڪرڻ (ب) نرمي ڪرڻ

(ج) ترجيح ڏيڻ (د) سخاوت ڪرڻ

(xvi). حديث جي روشنيءَ ۾ رب جو راضپو آهي:

(الف) پيءُ جي راضپي ۾ (ب) ڀاءُ جي راضپي ۾

(ج) چاچي جي راضپي ۾ (د) ڀيڻ جي راضپي ۾

(xvii). اولاد والدين لاءِ الله تعالىٰ جي طرفان آهي:

(الف) رحمت (ب) مصيبت (ج) حُثيت (د) نعمت

(xviii). اسلام استاد کي جيڪو رتبو بخشو آهي اهو:

(الف) انتهائي اعلىٰ ۽ برتر آهي (ب) مناسب آهي

(ج) برابري وارو آهي (د) غير مناسب آهي

(xix). حضرت خديجہ رضي الله عنها جو نڪاح پڙهايو:

(الف) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه (ب) حضرت حمزه رضي الله عنه

(ج) حضرت ابو طالب رضي الله عنه (د) حضرت عباس رضي الله عنه

(xx). حضرت علي رضي الله عنه خلافت جي واڳ سنڀالي:

(الف) سنہ 25 هه ۾ (ب) سنہ 30 هه ۾ (ج) سنہ 35 هه ۾ (د) سنہ 40 هه ۾

| حصو (ب) | مختصر سوال (CRQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. اذان جي لغوي معنىٰ ڇا آهي؟
2. موت بابت قرآن مجيد ۾ ڪهڙا لفظ آيل آهن؟
3. حج جي فائدن مان ڪي بہ ٽي فائدا بيان ڪريو؟
4. صلح حديبه جا ڪي بہ بہ نتيجا بيان ڪريو؟
5. حبشه جي بادشاه حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم جي خط تي ڪهڙو اظهار ڪيو؟
6. غزوه خيبر مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟
7. طهارت ۽ پاڪيزگيءَ مان ڇا مراد آهي؟
8. صداقت بابت قرآن شريف جي ڪنهن بہ هڪ آيت جو ترجمو لکو؟
9. احسان ڪرڻ جا ڪي ٽي فائدا بيان ڪريو.
10. پاڙيسرين جي حقن مان ڪي بہ چار حق بيان ڪريو.
11. حضرت داتاگنج بخش ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

| حصو (ج) | تفصيلي سوال (ERQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن بہ چئن سوالن جا جواب ڏيو هر ڪ جواب تي ڏھ مارڪون رکيل آهن:

12. نماز جا فائدا بيان ڪريو؟
13. ايثار مان ڇا مراد آهي؟ مديني جي انصارن ايثار جو ڪهڙي طرح مظاهرو ڪيو.
14. حقوق العباد مان ڇا مراد آهي؟
15. والدين جي حقن جا ڪجھ اهم نڪتا بيان ڪريو؟
16. حضرت خديجہ رضي الله عنها جو ڪردار ۽ سيرت اسلامي خدمت جي حوالي سان ڪيئن رهيو؟
17. حضرت علي رضي الله عنه جي شهادت جو واقعو بيان ڪريو.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2025-2026**

**Time: ......... Minutes** **Grade: VII** **Subject: Islamiat** **Total Marks (100)**

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student: ____________________ | S/D/O: ____________________ | Gender (Boy/Girl):_____ |
| Medium: ____________ | School Name: ______________________________ | |
| Taluka: ____________ | City/ Village ____________ | Signature of Invigilator: ____________ |

| حصو (الف) | معروضي سوال (MCQs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i). رزق حلال حاصل ڪرڻ:

(الف) عين خدمت آهي (ب) عين عبادت آهي

(ج) عين انسانيت آهي (د) عين امانت آهي

(ii). دعا جي لفظي معنیٰ آهي:

(الف) پڙهڻ (ب) ڏيڻ (ج) پڪارڻ (د) سنوارڻ

(iii). زڪواة جو نصاب آهي:

(الف) ساڍا پنج تولا سون (ب) ساڍا ڇهه تولا سون

(ج) ساڍا ست تولا سون (د) ساڍا اٺ تولا سون

(iv). غزوه حنين واقع ٿيو:

(الف) سن چار هجري ۾ (ب) سن ڇهه هجري ۾

(ج) سن اٺ هجري ۾ (د) سن ڏهه هجري ۾

(v). لفظ عُسرت جي معنیٰ آهي:

(الف) ايثار (ب) محبت (ج) تڪڙ (د) تنگي

(vi). حجة الوداع جي موقعي تي اصحابہ سڳورن جو تعداد هو:

(الف) اٽڪل هڪ لک (ب) اٽڪل سوا لک

(ج) اٽڪل ڏيڍ لک (د) اٽڪل ٻہ لک

(vii). قرآن شريف ۾ ”اُمت وسط“ جو مطلب آهي:

(الف) صدقو ۽ خيرات ڪندڙ قوم (ب) عبادت ڪندڙ قوم

(ج) اعتدال واري اُمت (د) معاف ڪندڙ قوم

(viii). حضرعمر رضي الله عنه حضرت بلال حبشي کي سڏيندا هئا:

(الف) منهنجا ياءُ چئي (ب) منهنجا دوست چئي

(ج) منهنجا آقا چئي (د) منهنجا نوڪر چئي

(ix). حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها تعلق رکنديون هيون:

(الف) بنو نجار خاندان سان (ب) بَنُوتَيم خاندان سان

(ج) بنو عدي خاندان سان (د) بنو تميم خاندان سان

(x). حضرت فريدالدين گنج شڪر جو اصل نالو آهي:

(الف) مسعود (ب) مقصود (ج) صعود (د) ودود

(xi). سلطان صلاح الدين ايوبي جڏهن وفات ڪئي تہ سندس عمر هئي:

(الف) 53 سال (ب) 54 سال (ج) 55 سال (د) 56 سال

(xii). حضور صلي الله عليه وسلم کي دفن ڪيو ويو:

(الف) حضرت بيبي ماريه جي حُجري ۾ (ب) حضرت بيبي صفيه جي حُجري ۾

(ج) حضرت بيبي خديجه جي حُجري ۾ (د) حضرت بيبي عائشه جي حُجري ۾

(xiii). الله تعاليٰ کانپوءِ اطاعت سڀ کان مقدم آهي:

(الف) ملائڪن جي (ب) **رسولن جي** (ج) آسماني ڪتابن جي (د) جنن جي

(xiv). اَلدعَاءُ مُخ العِبَادَةِ جي معنيٰ آهي:

(الف) توهان دعُا گهرو (ب) **دعا عبادت جو نچوڙ آهي**

(ج) توهان جي دعا قبول ڪندس (د) توهان دُعا نہ گهرو

(xv). زڪواة جي لغوي معنيٰ آهي:

(الف) خيرات ڪرڻ (ب) برڪت ڪرڻ (ج) گڏ ڪرڻ (د) **پاڪ ڪرڻ**

(xvi). جڏهن حضور اڪرم ﷺ مڪي فتح ڪرڻ لاءِ ويا تہ پهرئين لشڪر جي سپه سالاري حوالي ڪئي:

(الف) حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه (ب) حضرت ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه

(ج) **حضرت زبير بن عوام رضي الله عنه** (د) حضرت سعد بن عباده رضي الله عنه

(xvii). ٻہ سؤ اوقيه جو مطلب آهي:

(الف) ساڍا اوڻويهہ ڪلو (ب) **ساڍا اوڻٽيهہ ڪلو**

(ج) ساڍا اوڻيتاليهہ ڪلو (د) ساڍا اوڻ ونوجهاهہ ڪلو

(xviii). مساوات جي معنيٰ آهي:

(الف) **برابري ڪرڻ** (ب) زيادتي ڪرڻ (ج) گهٽتائي ڪرڻ (د) فرق ڪرڻ

(xix). محنت ڪرڻ سان ماڻهوءَ ۾ پيدا ٿئي ٿي:

(الف) بهادري (ب) ڪمزوري (ج) سُستي (د) **خود داري**

(xx). جڏهن ڪو شخص بيمار ٿي پوي:

(الف) ان جي عيادت ڪجي (ب) ان جي صحتيابي جي دعا گهرجي

(ج) ان کي حوصلو ڏجي (د) **اهي سڀئي**

| حصو (ب) | مختصر سوال (CRQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن ٻہ اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. رسالت ۽ نبوت جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌايو؟
2. دعا گهرڻ جي ڪي ٻہ چار آداب بيان ڪريو-
3. صلح حديبيه جي پچڪڙيءَ تي حضور ﷺ جن قريشن اڳيان ڪهڙا شرط رکيا-
4. حضرت عثمان غني رضي الله عنه غزوه تبوڪ ۾ ڪيتري مالي قرباني ڏني؟
5. سخاوت اختيار ڪرڻ جا ڪي ٻہ ٽي سماجي فائدا ٻڌايو؟
6. مساوات جا فائدا بيان ڪريو؟
7. محنت بابت قرآن مجيد ڪهڙي تعليم ڏني آهي؟
8. حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها جي شان ۾ ڪهڙيون سورة ۾ آيتون نازل ٿيون؟
9. باب فريد الدين گنج شڪر جو اصل نالو ڇا آهي ۽ سندن لقب ڪهڙا آهن؟
10. سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جو اصل نالو ڇا هئو؟ هو ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟
11. علامه ابن خلدون ڪهڙن ملڪن ۾ ۽ ڪهڙن عهدن تي رهيو؟

| حصو (ج) | تفصيلي سوال (ERQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن ٻہ چئن سوالن جا جواب ڏيو هر ڪ جواب تي ڏهہ مارڪون رکيل آهن:

12. زڪواة ادا ڪرڻ جا فائدا نہ ادا ڪرڻ جا نقصان بيان ڪريو؟
13. خطبه حجة الوداع تي تفصيلي نوٽ لکو.
14. مياڻہ روي ڇا کي چئبو آهي؟ مياڻہ روي جا فائدا بيان ڪريو؟
15. حقوق العباد ڇا آهي؟ حقوق العباد ۾ بيمارن جا ڪهڙا حق آهن؟
16. رسالت جون ڪهڙيون گهرجون آهن؟
17. اسلام ۾ مساوات جي اهميت بيان ڪريو.

Time: ......... Minutes | Grade: VIII | Subject: Islamiat | Total Marks (100)

Name of Student: ______ S/D/O: ______ Gender (Boy/Girl):______

Medium: ______ School Name: ______

Taluka: ______ City/ Village ______ Signature of Invigilator: ______

| حصو (الف) | معروضي سوال (MCQs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

**صحيح جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.**

(i). قيامت جي ڏينهن چڱن ۽ برن عملن جو وزن ڪيو ويندو:
(الف) صرف ڪافرن جي (ب) صرف مسلمانن جي
(ج) صرف منافقن جي **(د) سيني انسانن جي**

(ii). آخرت جو عقيدو انسان کي احساس ڏياري ٿو:
(الف) پنهنجي وڏي هجڻ جو (ب) پنهنجي حقي هجڻ جو
**(ج) پنهنجي ذميدار هجڻ جو** (د) پنهنجي ڪامياب هجڻ جو

(iii). سن 9 هجري ۾ فرض ٿيو:
(الف) نماز (ب) روزو (ج) زڪواة **(د) حج**

(iv). روزا رکڻ فرض آهن:
(الف) محرم جي مهيني ۾ (ب) شعبان جي مهيني ۾
**(ج) رمضان جي مهيني ۾** (د) شوال جي مهيني ۾

(v). ساليانو پرڏيهي اجتماع ٿيندو آهي:
(الف) نماز ۾ (ب) روزن ۾ (ج) زڪواة ۾ **(د) حج ۾**

(vi). حج زندگيءَ ۾ فرض هي:
**(الف) هڪ دفعو** (ب) ٻہ دفعا (ج) ٽي دفعا (د) چار دفعا

(vii). حضور اڪرم ﷺ جن کي رحمت بنائي موڪليو ويو آهي:
(الف) ڪافرن لاءِ (ب) مشرڪن لاءِ (ج) مومنن لاءِ **(د) سيني جهانن لاءِ**

(viii). هڪ دفعي حضور اڪرم ﷺ بار کي چمي ڏني جيڪو هئو:
**(الف) حضرت حسن رضي الله عنه** (ب) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه
(ج) حضرت عبدالله بن محمد رضي الله عنه (د) حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنه

(ix). الله تعالى بي حساب ثواب ڏيندو آهي:
**(الف) صبر ڪندڙن کي** (ب) جهاد ڪندڙن کي
(ج) نماز پڙهندڙن کي (د) حج ڪندڙن کي

(x). طائف وارن حضور اڪرم ﷺ کي:
(الف) عزت ۽ احترام ڏنو (ب) نبي مڃيو
**(ج) رتورت ڪيو** (د) ڪاڌو کارايو

(xi). بيشڪ الله تعالى گڏ آهي:
**(الف) صبر ڪرڻ وارن سان** (ب) نماز پڙهڻ وارن سان
(ج) شڪر ڪرڻ وارن سان (د) روزيدارن سان

(xii). اسلامي احڪام جو خلاصو ۽ مقصد صرف:
(الف) خوف آهي **(ب) تقوىٰ آهي** (ج) جدوجهد آهي (د) جنت آهي

(xiii). انسان جيڪي بہ نيڪ عمل ڪري ان جو مقصد آهي:
(الف) جنت حاصل ڪرڻ (ب) عهدو حاصل ڪرڻ
(ج) مال دولت حاصل ڪرڻ **(د) الله جي رضا حاصل ڪرڻ**

(xiv). عدل لفظ آهي:

(الف) عربي ٻوليءَ جو (ب) فارسي ٻوليءَ جو

(ج) اردو ٻوليءَ جو (د) سنڌي ٻوليءَ جو

(xv). معاشرتي تعلق کي سهڻي نموني نڀائڻ جو نالو آهي:

(الف) حسن معاشرت (ب) صداقت (ج) مساوات (د) عدل

(xvi). حضور اڪرم ﷺ جي گفتگو ۾ عام طور تي شامل هوندي هئي:

(الف) مرڪ (ب) سختي (ج) عاجزي (د) بي رخي

(xvii). حضور اڪرم ﷺ فرمايو توهان مان سڀ کان وڌيڪ ڀلو اهو آهي جيڪو:

(الف) گهر وارن سان ڀلو آهي (ب) دوستن سان ڀلو آهي

(ج) دشمنن سان ڀلو آهي (د) مائٽن سان ڀلو آهي

(xviii). امربالمعروف جو مطلب آهي:

(الف) روزو رکڻ (ب) علم جو درس ڏيڻ

(ج) حج جي ترتيب ڏيڻ (د) نيڪي جو حڪم ڪرڻ

(xix). حضرت فاطمه رضي الله عنها جي وفات وقت عمر هئي:

(الف) لڳ ڀڳ 24 سال (ب) لڳ ڀڳ 29 سال

(ج) لڳ ڀڳ 31 سال (د) لڳ ڀڳ 39 سال

(xx). شاهه ولي الله جي والد جو نالو هئو:

(الف) شاهه عبدالڪريم (ب) شاهه عبدالعزيز

(ج) شاهه عبدالقادر (د) شاهه عبدالغني

| حصو (ب) | مختصر سوال (CRQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ:** هيٺين مان ڪن به اٺن سوالن جا جواب لکو هر هڪ سوال تي پنج مارڪون رکيل آهن:

1. عبادت مان ڇا مراد آهي؟
2. روزي جو مفهوم بيان ڪريو؟
3. سيرتِ طيبه تي مختصر نوٽ لک؟
4. اخلاص جو مفهوم ڇا آهي؟
5. حلال جي ڪمائيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم بيان ڪريو؟
6. حديث شريف جي روشنيءَ ۾ ڪاروبار ۾ ديانتداري جو ڪهڙو انعام بيان ٿيل آهي؟
7. قانون جي احترام جا ڪي به چار فائدا بيان ڪريو؟
8. محمد بن قاسم جي زندگيءَ جو خلاصو بيان ڪريو؟
9. بو علي ابن سينا جا علمي ڪارناما بيان ڪريو؟
10. نبي ڪريم ﷺ جي اندازِ گفتگو جا ڪي به ٻه نڪتا بيان ڪريو؟
11. معاف ڪرڻ ۽ درگذر تي مختصر نوٽ لکو؟

| حصو (ج) | تفصيلي سوال (ERQs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ: هيٺين مان ڪن به چئن سوالن جا جواب ڏيو هر هڪ جواب تي ڏهه مارڪون رکيل آهن:**

12. شريعت جي اصطلاح ۾ صبر ۽ تحمل جو ڪهڙو مفهوم آهي؟
13. احسان جي باري ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جو طرزِ عمل بيان ڪريو.
14. حضور اڪرم ﷺ جن جي اندازِ گفتگو مان اسان کي ڪهڙي رهنمائي ملي ٿي؟
15. امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي اهميت بيان ڪريو.
16. آمدنيءَ جي حرام ذريعن مان ڪن به ٽن جا تفصيل بيان ڪريو.
17. ڪاروبار ۾ ديا نتداري جي ڪيتري اهميت آهي؟ بيان ڪريو.